SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1997

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1997

سنڌ رجسٽريشن (ترميم) آرڊيننس، 1997

THE SINDH REGISTRATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1908 جي ايڪٽ نمبر XIX جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Act XIX of 1908

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1997

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1997

سنڌ رجسٽريشن (ترميم) آرڊيننس، 1997

THE SINDH REGISTRATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1997

[12 مئي، 1997]

آرڊيننس، جنهن ذريعي رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس

جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

1.(1) هن آرڊيننس کي رجسٽريشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1997 سڏيو ويندو. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

(2) هي ۽ 29 مئرچ 1997 کئن لاڳو هوندو.

2. رجسٽريشن ايڪٽ، 1908 ۾ سنڌ صوبي جي لاءِ پنهنجي درخواست ۾ دفعہ 17 ۾ دفعہ (1) جي شق (1) جي ذيلي دفعہ (e) ۾ آخر ۾ ڪولن جي جاءِ تي سيمي ڪولن هوندو ۽ ان کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل شامل ڪيا ويندا: 1908 جي ايڪٽ نمبر XIX جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Act XIX of 1908

"(f) اٽارني کي ڪنهن غير منقولا ملڪيت کي وڪڻڻ جي لاءِ اختيار ڏيڻ وقت پاور آف اٽارني."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.